Reg No 2677

ABC Certified

ايڊيٽر: اعجاز مهر

روزاني

سنڌيار

Daily SINDHYAR Karachi

NTN 4129440-8

www.dailysindhyar.com

ڪراچي

جلد: 11 | آچر 06 آگسٽ 2023ع بمطابق 18 محرم الحرام 1445ھ | شمارو: 287 | قيمت 10 روپيا

وزيرِ اعظم هائوس ۾ ٽيل گڏيل مفادن واري ڪائونسل جي اجلاس ۾ چئني صوبن جي وڏن وزيرن، وفاقي وزيرءِ شماريات ڪاتي سميت لاڳاپيل ڪاتن جي اختيارين شرڪت ڪئي

گڏيل مفادن واري ڪائونسل نئين آدمشماري جي منظوري ڏئي ڇڏي

اجلاس ۾ نئين آدمشماري بابت معاملن تي غور ويچار ڪيو ويو، شماريات بيورو طرفان گڏيل مفادن واري ڪائونسل کي آدمشماري تي بريفنگ ڏني ۽ ڊجيٽل آدمشماري جا نتيجا پيش ڪيا

تڪبندين جو ڪم 120 ڏينهن ۾ ٽيٽو آهي، قومي اسيمبلي ۾ چئني صوبن جي سيٽن جو حصو ساڳوئي رهندو، آئين جي آرٽيڪل 51 تحت عام چونڊون شائع ڪيل آدمشماري تحت ٿينديون: بريفنگ

گڏيل مفادن واري ڪائونسل جي سمورن 8 ميمبرن نئين آدمشماري جي منظوري ڏني، عام چونڊون آئين جي آرٽيڪل 51 تحت شايع ٿيل آدمشماري موجب ٿينديون: اعظم نذير تارڙ

آئيني بحران هو جنهن کي هاڻي ختم ڪيو ويو آهي، تڪبندين جو عمل چئن مهينن ۾ مڪمل ٿيٽو آهي، سمورن صوبن جون سيٽون ساڳيون رهنديون، تبديلي نه ايندي

آئين جو آرٽيڪل 254 چوي ٿو ته چونڊون ڪرايون وڃن، نگران حڪومت جي ذميواري آهي ته چونڊون ڪرايون، جيستائين چونڊون نه ٿينديون نگران سيٽ اپ برقرار رهندو

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ ٽيل گڏيل مفادن واري ڪائونسل جي اجلاس ۾ نئين آدمشماري جي متفقه طور منظوري ڏني وئي . وزيرِ اعظم هائوس ۾ ٽيل گڏيل مفادن واري ڪائونسل جي اجلاس ۾ چئني صوبن جي وڏن وزيرن، وفاقي وزيرءِ شماريات ڪاتي سميت لاڳاپيل ڪاتن جي اختيارين شرڪت ڪئي، اجلاس ۾ نئين آدمشماري بابت معاملن تي غور ويچار ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سي سي آءِ اجلاس جي صدارت ڪندي

توشا خانا ڪيس ۾ عمران خان کي ٽي سال قيد جي سزا، لاهور مان گرفتار، اٽڪ جيل منتقل

عدالت اڳوڻي وزيراعظم عمران خان کي ٽي سال قيد جي سزا جو حڪم ٻڌائيندي مٿس هڪ لک رُپيا ڏنڊ پڻ لاڳو ڪري ڇڏيو، جوابدار کي ڏنڊ ادا نه ڪرڻ جي صورت ۾ وڌيڪ ڇهه مهينا جيل ۾ گذارڻا پوندا

جوابدار خلاف الزام ثابت ٿي ويو آهي، پي ٽي آءِ چيئرمين اليڪشن ڪميشن ۾ ڪوڙو حلفي بيان جمع ڪرايو، پي ٽي آءِ چيئرمين جي بدديانتي ثابت ٿي وئي آهي: عدالتي فيصلو

گذارش ڪرڻ چاهيان ٿو، اسان کي هاءِ ڪورٽ ۾ داخلا ڪان ورڪيو ويو، اسان اوهان جي عدالت منتقلي جي درخواست داخل ڪري رهيا آهيون: خواجا حارث جي عدالت کي درخواست

پي ٽي آءِ چيئرمين جي وڪيل جي عدالت ۾ وقت سر پيش نه ٿيڻ تي ٻه پيرا وقفي کانپوءِ ٻڌڻي شروع ٿي، خواجا حارث احتساب عدالت ۾ موجود آهي، وڌيڪ وقت ڏنو وڃي: خواجا حارث جو مددگار

جوابدار کي حاضري يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي رڃي، واضح ڪريو ته خواجا حارث احتساب عدالت ۾ دليل ڏئي رهيو آهي، اسان کي جاڻ ملي آهي ته خواجا حارث احتساب عدالت ۾ منجهند ادائي رڳي جو وقت ورتو آهي: وڪيل اليڪشن ڪميشن

جوابدار کي واضح هدايت ڪئي هئي ته سادي انين وڳي حاضري يقيني بڻائي، مون چيو هوته جيڪڏهن جوابدار پيش نه ٿيو ته گرفتاري وارنٽ جاري ڪنداسين: جج

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد جي مقامي عدالت توشاخانا ڪيس ۾ عمران خان کي ٽي سال قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي جنهن کانپوءِ پي ٽي آءِ چيئرمين کي لاهور مان گرفتار ڪيو ويو آهي. اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن عدالت جج همايون دلاور توشا خانا ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي جنهن ۾ عدالت اج پي ٽي آءِ چيئرمين کي ذاتي حيثيت ۾ طلب ڪيو هو توشاخانا ڪيس جي ڪارروائي ٽي پيرا/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

پشاور: پوليس احتجاج ڪندڙ تحريڪ انصاف جي ڪارڪنن کي گرفتار ڪري رهي آهي

پارٽ گذريل 75 سالن کان ڪشميري عوام جي حقن کي لتاڙي رهيو آهي: صدر/وزيراعظم

5 آگسٽ 2019ع تي پارٽ غيرقانوني طور تي والاريل ڪشمير ۾ غيرقانوني ۽ هڪطرفي ڪارروائين جي شروعات ڪئي

ڪارروائين جو مقصد ڪشميري عوام کي بي اختيار، آزادي واري حق کان محروم ۽ ڪين پنهنجي ئي ڌرتي تي بيدخل ڪرڻ آهي

پارٽ گذريل 75 سالن کان مختلف سازشن سان ڪشميري عوام جي حقن کي لتاڙي رهيو آهي: جاري ڪيل پيغام

صدر عارف علوي ۽ وزيراعظم شهباز شريف

اسلام آباد (م ڊ) صدر ۽ وزير اعظم يوم استحصال ڪشمير جي موقعي تي پنهنجو خاص پيغام جاري ڪيو آهي. صدر ڊاڪٽر عارف علوي ۽ وزير اعظم شهباز شريف يوم استحصال ڪشمير جي موقعي تي پيغام جاري ڪيو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

بل گيٽس لڪين ماڻهن جي موت جو امڪان ظاهر ڪري ڇڏيو

مستقبل ۾ هٿرادو ذهانت روز مرهه جي زندگي ۾ شامل ٿيندي: بل گيٽس

حڪومتون ان ٽيڪنالوجي کي غلط ڪمن لاءِ استعمال ڪري سگهن ٿيون

ڪيليفورنيا (م ڊ) مائڪرو سافٽ جي شريڪ باني بل گيٽس جي ڪوڊ ڪان وٺي هٿرادو ذهانت ۽ موسمياتي تبديلين جي حوالي سان اڳڪٿيون/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

قريشي پاران عمران خان جي گرفتاريءَ خلاف ملڪ گير احتجاج جو سڏ

چيئرمين جي گرفتاريءَ ڪانپوءِ مشاورت لاءِ پارٽيءَ جي ڪور ڪميٽي جو اج اجلاس طلب ڪيو ويو آهي: شاهه محمود قريشي

عوام ۾ عدالتي فيصلي تي بي چيني، ڏڪ ۽ ڪاوڙ پکڙيل آهي، ڪارڪن احتجاج دوران پڄ ڌاهه ڪان پاسو ڪن

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج جو پي ٽي آءِ چيئرمين خلاف فيصلو تعصب تي ٻڌل آهي: جاري ڪيل بيان

ملتان (م ڊ) شاهه محمود قريشي پي ٽي آءِ چيئرمين جي گرفتاريءَ خلاف پرامن ملڪ گير احتجاج جو سڏ ڏئي ڇڏيو. شاهه محمود قريشي پنهنجي ويڊيو بيان ۾ چيو آهي ته ڪارڪن احتجاج دوران پڄ ڌاهه ڪان پاسو ڪن. پي ٽي آءِ چيئرمين جي گرفتاريءَ ڪانپوءِ مشاورت لاءِ پارٽيءَ جي ڪور ڪميٽي جو اج اجلاس طلب ڪيو ويو آهي. اجلاس ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين جي گرفتاريءَ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

پاڪستان ڪشميرين جو آواز ٿي ڪري سڄي دنيا ۾ گونجندو: مراد شاهه

پارٽ جارحاڻي قدمن ذريعي ڪشميرين کي ووٽ جي حق کان محروم نٿو ڪري سگهي

پارٽ جو مڪرو چهرو دنيا آڏو پڌرو ٿي ويو آهي، سڄي دنيا کي ڪشميرين تي ٿيندڙ ظلمن خلاف آواز اٿارڻ گهرجي

5 آگسٽ 2019 واري قدم پارٽ جي ٻئي سيڪيولرزم جي جهنڊي کي ٽوڙي ڇڏيو: جاري ڪيل پيغام

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته پاڪستان ڪشميرين جو آواز بڻجندو ۽ سڄي دنيا ۾ گونجندو. ڪشميرين جي استحصال واري ڏينهن تي پنهنجي پيغام ۾ سيد مراد علي شاهه چيو ته ڪشميرين تي پارٽي ظلم غير انساني آهن. پارٽ جارحاڻي قدمن ذريعي ڪشميرين کي ووٽ جي حق کان محروم نٿو ڪري سگهي. مراد علي شاهه چيو ته پارٽ جو مڪرو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

شاهه محمود خوش ٿيو هوندو ته سندس رستو صاف ٿي ويو: شرجيل ميمڻ

هتي تمام سهولتون لاڏلي لاءِ هيون، ملتان ۾ شاهه محمود قريشي منائي ورهائي رهيو هوندو

نواز شريف، آصف زرداري، مريم نواز ۽ بينظير ڀٽو به گرفتار ٿيون پر ڪنهن به پوليس تي حملا نه ڪيا

ڪيپيٽل ڪيس ۾ ماڻهن کي پنجويهه سالن جي سزا ٿي، قانون چو خاموش هو: ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس

ڪراچي: صوبائي وزير شرجيل ميمڻ پريس ڪانفرنس ڪندي

ڪراچي (م ڊ) سنڌ سماءُ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته اج شاهه محمود قريشي خوش هوندو سندس رستو صاف ٿي ويو، هو ملتان ۾ ضرورت منائي ورهائي رهيو هوندو. ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي شرجيل ميمڻ جو چوڻ هو ته پوليس تي پيٽرول بمن جا حملا ڪيا ويا. نواز شريف، آصف زرداري، مريم نواز ۽ بينظير ڀٽو به گرفتار ٿيون پر ڪنهن به پوليس تي حملا نه ڪيا. سندس چوڻ هو ته ڪيپيٽل ڪيس ۾ ماڻهن کي پنجويهه سالن جي سزا ٿي، قانون چو خاموش هو، هي تمام سهولتون لاڏلي لاءِ هيون. پوليس تي پيٽرول بمن جا حملا ڪيا ويا، نواز شريف، آصف زرداري، مريم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

پيپلز پارٽي جو ويزن صاف ڪراچي آهي: ناصر شاهه

ڪراچي ۾ اربين روپين جا منصوبا شروع ٿي رهيا آهن

شهرمان تعصب جي سياست ختم ڪري خدمت جي سياست ڪنداسين

ڪراچي (رپورٽر) مڪاني ادارن واري وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو آهي ته سنڌ حڪومت ڪراچي ۾ اربين روپين جا منصوبا شروع ڪري رهي آهي. پيپلز پارٽي جو ويزن صاف ڪراچي آهي. ڪراچي جي ميئر بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

پڌ عيدن ويجهو ترين وڏي حادثي کان بچي وئي، بوگيون لهي ويون

واقعو ڪراچي کان سيالڪوٽ ويندڙ علامه اقبال ايڪسپريس سان پيش آيو

بوگيون ڌار ڪري ترين کي پڌعيدن ريلوي اسٽيشن تي بيهاريو ويو

علامه اقبال ايڪسپريس جون 2 بوگيون پڌعيدن ۽ پرياروڊ اسٽيشنن جي وچ ۾ پٽري تان لهي ويون. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

پڌ عيدن (م ڊ) ڪراچي کان سيالڪوٽ ويندڙ علامه اقبال ايڪسپريس جون به بوگيون پٽري تان لهي ويون. ڪراچي کان سيالڪوٽ ويندڙ

عمران خان کي ڪرپشن، فراڊ، ڪوڙ جي سزا ملڻ گهرجي: عطا تارڙ

چيئرمين پي ٽي آءِ پنهنجي دور ۾ مخالفن کي بدترين انتقام جو نشانو بڻايو

ٽي آءِ چيئرمين نه رڳو چوري ڪئي پر چوري تي زور به ڏنو. هن پنهنجا اثاثا لڪايا

سندس چوري ۽ غلط بياني ثابت ٿي وئي، تابوت جا تحفا بليڪ مارڪيٽ ۾ وڪرو ڪيا ويا

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) مسلم ليگ ن جي اڳواڻ عطاءُ تارڙ چيو آهي ته چيئرمين پي ٽي آءِ پنهنجي دور ۾ مخالفن کي بدترين انتقام جو نشانو بڻايو. پي ٽي آءِ چيئرمين کي ڪرپشن، فراڊ ۽ ڪوڙ جي ڏوهه جي سزا پوڳئي پوندي. توشه خانه ڪيس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي: صوبائي وزير ناصر شاهه افتتاح ڪري رهيو آهي

پارٽي رياست مني پور فسادن ۾ هينئر تائين 180 ڪان وڌيڪ ماڻهو مارجي ويا

ٿين دهلي (م ڊ) پارٽي رياست مني پور ۾ فسادن جو سلسلو جاري آهي. پارٽي ميڊيا موجب مني پور ۾ ميٽي برادري جا 3 ماڻهو مارجي ويا ۽ ڪيترن ئي گهرن کي باهه ڏني وئي. هجوم بشنوپور ضلعي ۾ سيڪيورٽي فورسز جي پوسٽن تي حملو ڪيو ۽ گولا بارود سميت ڪيترائي هٿيار قبضو ڪري ويا. پارٽي پوليس جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

پارٽي جارحيت علائقائي سلامتي لاءِ مسلسل خطرو آهي: پاڪ فوج

والاريل ڪشمير ۾ فوجي لاڪ ڊائون ۽ آبادي جي ڊانچي کي تبديل ڪرڻ لاءِ قدم عالمي قانونن جي پڇڪڙي آهي

پارٽي حڪومت جا بيان بازي ۽ دشمني وارا عمل علائقائي سلامتي لاءِ مسلسل خطرو آهن پر پوري پاڪستاني قوم ڪشميرين سان ڳڏ بيٺل آهي

هٿياربند فوج والاريل ڪشمير جي شهيدن کي سندن عظيم قربانين تي سلام پيش ڪري ٿي: جاري ڪيل پيغام

راولپنڊي (م ڊ) ڪشميرين جي يوم استحصال جي موقعي تي پاڪ فوج طرفان جاري ڪيل پيغام ۾ چيو ويو آهي ته پارٽي جارحيت علائقائي سلامتي لاءِ مسلسل خطرو آهي. پارٽ طرفان والاريل چمون ۽ ڪشمير جي خصوصي حيثيت ختم ڪرڻ کي 4 سال مڪمل ٿيڻ تي پاڪ فوج جي پبلڪ ريلشن ڪاني آءِ ايس پي آر طرفان جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته پارٽ طرفان/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ضلعي مٽياري جي ٻوڏ متاثرن کي گهر ٺهرائي ڏيڻ جي پروگرام جي باقاعدي شروعات ٿي وئي

وزير رونيو سنڌ مخدوم محبوب الزمان تعلقي سعيد آباد جي 2 سئو متاثرن کي مالڪاڻن حقن جون سندون ڏنيون

تقريب ۾ ميمبر قومي اسيمبلي شگفته جماڻي، ڊپٽي ڪمشنر مٽياري سيد جواد مظفر، ايس ايس پي محمد ڪليم، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر منظور لغاري شرڪت ڪئي

سنڌ پهريون صوبو آهي جتي ٻوڏ متاثرن جي لاءِ نه صرف گهر تعميرڪيا پيا وڃن: مخدوم محبوب الزمان

مٽياري (رپورٽر) سنڌ حڪومت پاران ضلعي مٽياري جي ٻوڏ متاثرن کي گهر ٺهرائي ڏيڻ جي پروگرام جي باقاعدي شروعات ٿي وئي. وزير رونيو سنڌ مخدوم محبوب الزمان تعلقي سعيد آباد جي 2 سئو متاثرن کي مالڪاڻن حقن جون سندون ڏنيون. ان حوالي سان نيو سعيدآباد جي ڊاڀيندڙ هال ۾ رڪيل تقريب ۾ ميمبر قومي اسيمبلي شگفته جماڻي، ڊپٽي ڪمشنر مٽياري سيد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ضلعي مٽياري جي ٻوڏ متاثرن کي گهر ٺهرائي ڏيڻ جي پروگرام جي باقاعدي شروعات ٿي وئي

مٽياري: ٻوڏ متاثرن کي گهر ٺاهي ڏيڻ واريون سندون ورهايون پيون وڃن

سنڌ اسيمبلي ٽوڙڻ جو اڃان تائين فيصلو نه ٿي سگهيو آهي: آغا سراج دراني

سنڌ اسيمبلي ٽوڙڻ بابت سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ اپوزيشن اڳواڻن سان مشاورت کان پوءِ فيصلو ڪنداسين

مشاورت نه ٿي ته معاملو ڪميٽي ڏانهن ويندو، اتي به جيڪڏهن فيصلو نه ٿي سگهيو ته معاملو اليڪشن ڪميشن ڏانهن هليو ويندو

اسپيڪر شپ جو سمورو دور مون جيل ۾ گذاريو آهي، آئين مون کي اجازت ڏني آهي ته مان جيل ۾ وبهي اسيمبلي جو اجلاس هلايان

ڪراچي (م ڊ) سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر آغا سراج دراني چيو آهي ته سنڌ اسيمبلي ٽوڙڻ جو اڃان تائين فيصلو نه ٿي سگهيو آهي. وڏي وزير ۽ اپوزيشن اڳواڻن سان صلاح مشوري کان پوءِ فيصلو ڪنداسين. سنڌ اسيمبلي جو اسپيڪر آغا سراج دراني غيرقانوني اثاثن جي ريفرنس ۾ احتساب عدالت ۾ پيش ٿيس. ريفرنس ۾ نامزد گلبهار لوهار ۽ ٻيا 8 جوابدار غير حاضر رهيا. عدالت/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي ۾ اربين روپين جا منصوبا شروع ٿي رهيا آهن، پيپلز پارٽي جو ويزن صاف ڪراچي آهي: ناصر شاهه

ڪراچي (رپورٽر) مڪاني ادارن واري وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو آهي ته سنڌ حڪومت ڪراچي ۾ اربين روپين جا منصوبا شروع ڪري رهي آهي. پيپلز پارٽي جو ويزن صاف ڪراچي آهي. ڪراچي جي ميئر بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته پيپلز پارٽي شهر ۾ وڏيڪ ورهاڱي واري سياست نٿي چاهي. خدمت جي سياست ٿيڻ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

پي ٽي آءِ چيئرمين تي ڪرپشن ثابت ٿي، عدالت منهنجو موقف درست تسليم ڪري ورتو: عمر فاروق ظهور

لاهور (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين جي گرفتاري تي ردعمل ڏيندي عمر فاروق چيو ته الحمدالله عدالت منهنجي موقف کي درست تسليم ڪري ورتو. سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ عمر فاروق ظهور چيو ته پي ٽي آءِ چيئرمين تي ڪرپشن ثابت ٿي، عدالت منهنجو موقف درست تسليم/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ڊفينس مان هٿ آيل ڦاهو لڳل چوڪري جي لاش جو معاملو شڪي قرار

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي ڊفينس فيز 8 ۾ فليٽ مان چوڪري جو لاش هٿ اچڻ جي واقعي ۾ اڳپرائي ٿي آهي. پوليس جاچ ۾ قتل ڪرڻ جوشڪ ظاهر ڪيو آهي. پوليس ذريعن مطابق گهر مان عورت روشني علي جو موبائيل فون گم آهي. گهر جي هڪ ڪمري ۾ ڦاهي ويجهورت جا نشان به مليا آهن. عورت روشني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ملڪ جي آبادي 24 ڪروڙ 14 لک ٿي وئي: آدمشماري 2023ع جا انگ اڪرجاري

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان جي گڏپ واري ڪاتي سرڪاري طور تي ڊيٽا جو اعلان ڪندي ٻڌايو آهي ته 2023ع جي آدمشماري موجب پاڪستان هي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڏاڍي گرمي آهي خدا ڪري عمران خان جيل ۾ وقت گذاري سگهي: منظور وساڻ

خيرپور (رپورٽر) پاڪستان پيپلزپارٽي جي سينئر اڳواڻ منظور وساڻ پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي گرفتاري جي حوالي سان ڏنل هي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

پي ٽي آءِ چيئرمين جي گرفتاري سياسي ناهي: مريم اورنگزيب

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) سنڌ سماءُ واري وفاقي وزير مريم اورنگزيب چيو آهي ته پي ٽي آءِ چيئرمين جي گرفتاري سياسي ناهي. اسلام آباد ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

پي ٽي آئي قانوني ٽيم پاران عمران جي گرفتاري چيئلينج ڪرڻ جو اعلان

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پي ٽي آءِ جي قانوني ٽيم جي ميمبر شعيب شاهين چيو آهي ته عمران/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

نوشهروفيروز ۾ والاريل ڪشمير ۾ پارٽي قبضي خلاف احتجاجي ريلي، نعريبازي

ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر سيد عمار حسين شاهه جي اڳواڻي ۾ ڊپٽي ڪمشنر آفيس کان ريلي ڪڍي وئي

ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن ۾ ضلعي آفيسر سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ محمد سليم خانزاده ۽ ٻين شرڪت ڪئي

سڄي دنيا ۾ جتي به مسلمان آهن ڪشميرين جو استحصال جو ڏهاڙو ملهايو پيو وڃي : اڳواڻ

نوشهروفيروز(رپورٽ:منظور ملڪ) والاريل ڪشمير ۾ پارٽي قبضي ۽ ڪشمير جي خصوصي حيثيت ختم ڪرڻ تي سڄي ملڪ وانگر نوشهروفيروز ضلعي ۾ به ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر سيد عمار حسين شاهه جي اڳواڻي ۾ ڊپٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

نوشهروفيروز: ڪشميرين سان اظهار يڪجهتي لاءِ ريلي ڪڍي پئي وڃي

احمدپور پرسان چوٽين ڪلاس جي شاگرد مٿان ماسٽر جو وحشياڻو تشدد

احمدپور (رپورٽ) احمدپور پرسان چوٽين ڪلاس جي شاگرد مٿان ماسٽر جو وحشياڻو تشدد. نينگر بيهوشي واري حالت ۾ اسپتال منتقل . شاگرد جي وارثن جو احتجاج. نوٽيس وٺڻ جو مطالبو رپورٽ موجب احمدپور لڳ ڳوٺ ڳڳرا ڪلهوڙا جي گورنمينٽ برائڻ پرائمري اسڪول جي چوٽين ڪلاس جي شاگرد 10 سالن جي نينگر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ڪنڊيارو پرسان ڳوٺ پير مهدي شاهه گورنمينٽ پرائمري اسڪول ۾ سهولتن جي ڪوٽ

پرائمري اسڪول ۾ فرينچر پيئڻ جي پاڻي سان گڏ ٻين سهولتن جي ڪوٽ سبب ٻارڙن جي تعليم متاثر ٿيڻ لڳي

اسڪول ۾ فرنيچر پاڻي ۽ سخت گرمي ۾ بجلي جي سهولت نه هجڻ ڪري ڏهه کان پندرهن ٻار اسڪول اچن ٿا : استاد

ڪنڊيارو(رپورٽ)ڪنڊيارو پرسان ڪچي جي ڳوٺ پير مهدي شاهه گورنمينٽ پرائمري اسڪول ۾سهولتن جي ڪوٽ سبب ٻارڙن جي تعليم متاثر ٿيڻ لڳي ڳوٺ پير مهدي شاهه گورنمينٽ پرائمري اسڪول ۾ فرينچر پيئڻ جي پاڻي سان گڏ ٻين سهولتن جي ڪوٽ سبب ٻارڙن جي تعليم متاثر ٿيڻ لڳي گورنمينٽ پرائمري اسڪول ۾ مقرر استاد قادر بخش مهيسر ميڊيا جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

شڪارپور ۾ ڪارونجهر جبل جي ڪٽائي ۽ وڪري خلاف احتجاجي مظاهرو

الله واري چوڪ کان لڪيدر گهنٽ گهر تائين پيادل مارچ ڪري ڏرٽو هنيو ويو، سخت نعريبازي

ڏرٽي ۾ ڪامريڊ اسد الله سومرو، ڪامريڊ سعيد سومرو، خان محمد ڏئيو ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي

ڪارونجهر اسانکي ساهه کان وڌيڪ پيارو آهي ڪٽائي ۽ وڪري خلاف مزاحمت ڪنداسين : اڳواڻ

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) قومي عوامي تحريڪ شڪارپور پاران ڪارونجهر جبل جي ڪٽائي ۽ وڪري خلاف الله واري چوڪ کان لڪيدر گهنٽ گهر تائين پيادل مارچ ڪري ڏرٽو هنيو ويو. ڪارونجهر جي ڪٽائي ۽ وڪري خلاف مزاحمت ڪنداسين سنڌ حڪومت فوري طور تي ٽينڊر رد ڪري واپس وٺي. ايڊووڪيٽ آغا فهد خان/ ايڊووڪيٽ ظفر چنڊ تفصيل موجب: قومي عوامي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

شڪارپور: قومي عوامي تحريڪ پاران ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

جهنڊو مري ۾ انتظاميه پاران والاريل ڪشمير ۾ پارٽي ظلم ۽ جبر خلاف ريلي

جهنڊو مري (رپورٽ) تعلقي انتظاميه جهنڊومري پاران والاريل ڪشمير ۾ پارٽي ظلم ۽ جبر خلاف استحصال جو ڏهاڙو ملهايو ويو. رونيو آفيس کان ريلي ڪڍي وئي ڊپٽي ڪمشنر جي اڳواڻي ۾ تعلقي پريس ڪلب جهنڊومري تائين "استحصال جو ڏهاڙو" ريلي ڪڍي وئي. جنهن ۾ مظلوم ڪشميرين سان يڪجهتي جو اظهار ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

گهارو ۾ ٻن سالن جي معصوم نينگري ٽانڪي ۾ ڪري فوت

معصوم نينگري کي وارثن ۽ پاڙي وارن پاران رورل هيلٿ سينٽر گهارو پهچايو

ڊاڪٽر پاران موت جي تصديق ڪئي وئي، گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

گهارو (رپورٽ) گهاري شهر جي ميربحر پاڙي ۾ راند ڪندي ٻن سالن جي معصوم فاطمه خاصخيلي بنت غلام نبي خاصخيلي گهر جي ٽانڪي ۾ ڪري فوت ٿي وئي جنهن کي وارثن ۽ پاڙي وارن پاران رورل هيلٿ سينٽر گهارو پهچايو جنهن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

گلاب لغاري ۾ جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي

ماءُ جو ڪير ٻار جي صحت لاءِ ضروري آهي : ڊاڪٽر شاهينه ٽالپر

ٻار کي ٻن سالن تائين ماءُ جو ڪير لازمي پيارٿو آهي

گلاب لغاري (رپورٽ: گلزار لغاري) گلاب لغاري ٻهرين اگست کان هڪ هفتي تائين پوري دنيا ۾ ماءُ جو ڪير ٻار جي صحت لاءِ ضروري آهي جي حوالي سان بيسڪ هيلٿ يونٽ گلاب لغاري جي عملي پاران ڊاڪٽر شاهينه ٽالپر ليڊي هيلٿ سپروائزر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

گلاب لغاري: ماءُ جي صحت جي حوالي سان جاڳرتا ريلي ڪڍي پئي وڃي

بدين ۾ ڪشميري پائرن سان اظهار يڪجهتي لاءِ يوم استحصال ملهايو ويو، ريلي

ضلعي انتظاميه پاران ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو وقار احمد ڪلوڙ جي اڳواڻي ۾ ڊپٽي ڪمشنر آفيس کان ڊي سي چوڪ تائين ريلي ڪڍي وئي

پارٽ اقوام متحده جي قراردادن کي پامال ڪندي ڪشمير جي خصوصي حيثيت کي ختم ڪري شهري حقوق جي پيچ ڪڍي ڪئي :اي ڊي سي ٽو

ڪشميرين کي پنهنجو فيصلو پاڻ ڪرڻ جو حق ڏنو وڃي ۽ ڪشمير ۾ آرٽيڪل 35 A ۽ 370 کي پنهنجي اصل حالت ۾ بحال ڪيو وڃي

بدين (مرتضيٰ ميمڻ) پوري ملڪ جيان بدين ۾ ڪشميري پائرن سان اظهار يڪجهتي لاءِ يوم استحصال ملهايو ويو ان سلسلي ۾ ضلعي انتظاميه پاران ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو وقار احمد ڪلوڙ ۽ مختيار ڪار بدين محمد عمر ميمڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

جهنڊو مري ۾ انتظاميه پاران والاريل ڪشمير ۾ پارٽي ظلم ۽ جبر خلاف ريلي

جهنڊو مري(رپورٽ) تعلقي انتظاميه جهنڊومري پاران والاريل ڪشمير ۾ پارٽي ظلم ۽ جبر خلاف استحصال جو ڏهاڙو ملهايو ويو. رونيو آفيس کان ريلي ڪڍي وئي ڊپٽي ڪمشنر جي اڳواڻي ۾ تعلقي پريس ڪلب جهنڊومري تائين "استحصال جو ڏهاڙو" ريلي ڪڍي وئي. جنهن ۾ مظلوم ڪشميرين سان يڪجهتي جو اظهار ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

بدين: اي ڊي سي ٽو جي اڳواڻي ۾ يوم استحصال ريلي ڪڍي پئي وڃي

بدين ۾ آئي ٽي ڪلرڪ تي جسماني حراسمنٽ بليڪ ميل ڪرڻ جا ڪيس داخل

ٽيليسيميا ڪيئر سينٽر جي ڊاڪٽر ڀاٽي الماس عرفان جوڻيجو پاران ڪيس داخل ڪيو ويو

ڊاڪٽر هارون ميمڻ مون کي پنهنجي آفيس ۾ گهرايو جتي هو اڪيلو موجود هو

بدين (مرتضيٰ ميمڻ) سنڌ جي وڏي ۾ وڏي منو پائي ٽيليسيميا ڪيئر سينٽر جي ڊاڪٽر ڀاٽي الماس عرفان جوڻيجو پاران بدين ٽائي تي سينٽر جي ٻاني ۽ سينٽر جي اڳوڻي ملازم ويب چينل جي صحافي تي ۽ سينٽر ۾ آئي ٽي ڪلرڪ تي جسماني حراسمنٽ بليڪ ميل ڪرڻ جا 2 الڳ الڳ ڪيس داخل ڪرايا آهن تفصيل موجب ته منو پائي ٽيليسيميا ڪيئر سينٽر بدين جي ڊاڪٽر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

بدين ۾ گروي پيل 256 ايڪڙ زرعي زمين جا سيل سرٽيفڪيٽ جاري

زرعي بنڪ پاران سياسي گهراڻي ۽ رونيو ڪاتي کي قانوني نوٽيس جاري ڪيو ويو

رونيو ڪاتي کي قانوني نوٽيس جاري ٿيڻ تي رونيو ڪاتي جا آفيسر ٽرٽلي ۾ اچي ويا

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) رونيو ڪاتي جي آفيسرن تپيدارن بدين ضلع جي ٻا اثر سياسي گهراڻي سان ملي پڳڻ ڪري جعلسازي ڪري زرعي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

بدين ۾ سنڌ هاري ڪميٽي پاران ڪارونجهر جي نيلامي روڪڻ ۽ ڏاري آبادڪاري خلاف ريلي، ڏرٽو

ڏاري آبادڪاري سنڌ جي وسيلن جي مالڪي ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي ۽ ڏاڙيل ڪلچر جي خاتمي لاءِ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

ڪارونجهر سنڌ جو ڪنڌ آهي ڪنهن کي اهو ڪنڌ ڪپڻ جي اجازت نه آهي ڪارونجهر جو ڳاٽ هميشه اونچو رهندو : اڳواڻ

سنڌ کي ڪامورن جي رحم ڪرم تي نه ڇڏينداسين، ڏرتي جي مالڪي ڪنداسين هاري مزدور پورهيت سان ناانصافي برداشت نه ڪنداسين

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) سنڌ هاري ڪميٽي طرفان بدين ۾ ڪارونجهر جي نيلامي،ڪارونجهر کي نيشنل پارڪ جو درجو ڏيڻ،سنڌ ۾ ڏارين آبادڪاري خلاف سنڌ جي وسيلن جي مالڪيءَ ملڪ ۾ وڌندڙ مهنگائي ۽ ڏاڙيل ڪلچر جي خاتمي لاءِ سنڌ بچاءو مارچ ڪيو ويو سنڌ بچاءو مارچ ٿرحيدر جتوئي، احمدنواز انقلابي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ بدين پريس ڪلب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

سرحد ۾ بدامني جو جن بدستور بيقابو، پوليس اهلڪارجي موٽرسائيڪل چوري

سرحد(رپورٽر) سرحد ۾ بدامني جو جن بدستور بيقابو، پوليس اهلڪارجي موٽرسائيڪل چوري ٿي وئي، جام جي ڳوٺ مان هوٽل کي ڪاٺ لڪين رپين جو سامان به چوري، بدامني خلاف سياسي سماجي ڌرين جي مائٽن جو احتجاج، بدامني تي ڪنٽرول ڪرڻ جو مطالبو، خبرموجب سرحد شهر ۽ پرياسي ۾ بدامني جو جن بدستور بيقابو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

بدين: سنڌ هاري ڪميٽي پاران ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

نٽن ڪوٽ ۾ ڪشميري پائرن سان اظهار يڪجهتي طور يوم استحصال ريلي

ريلي ۾ شريڪ ٻارڙن ڪشمير بني گا پاڪستان ۽ ڪشميري پائرن سان ظلم بند ڪيو جا نعرا

ڪشميري پائرن کي آزاد ڪيو وڃي ته اهي آزادي سان تعليم پرائي ۽ جي سگهن : اڳواڻ

نٽن ڪوٽ (رپورٽر) نٽن ڪوٽ پرسان تعلقي ڪلوئي جي گورنمينٽ پرائمري اسڪول سنتورو فارم جي شاگردن ۽ استادن پاران ڪشميري پائرن سان اظهار يڪجهتي طور يوم استحصال ريلي ڪڍي وئي، ريلي ۾ شريڪ ٻارڙن ڪشمير بني /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

خانواهه ۾ مفت شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ ڪتاب ورهائڻ جي تقريب

اسان جا ٻارڙا تعليم حاصل ڪري وڏي منزل تي پهچي سگهن ٿا : اڳواڻ

اسان والدين جو به فرض آهي ته ٻچڙن کي ديني تعليم سان گڏ دنياوي تعليم به ڏياريون

نٽن ديرو(شاد محمود پٽو)نٽن ديرو پرسان گورنمينٽ هاءِ اسڪول خانواهه ۾ مفت شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ ڪتاب ورهائڻ جي تقريب تي گڏي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

نٽن ديرو: گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ شاگردن ۾ درسي ڪتاب تقسيم ڪيا پيا وڃن

ٽنڊو محمد خان ۾ ڪتاب انسائيڪلوپيڊيا کي سنڌي ادب لاءِ وڏو تاريخي اثاثو قرار

منهنجي قلمي پورهيي سان شايع ٿيل انسائيڪلو پيڊيا ڪتاب ۾ تاريخ کي هر لحاظ سان محفوظ ڪري ڪتابي صورت ڏني آهي :اڳواڻ

منهنجي تحقيق مواد ۾ دنيا جي آڏو ظاهر نه ٿيندڙ اهڙن ڪردارن کي شامل ڪيو آهي جيڪي تاريخ جي منظر عام تي اچڻ کان لڪيل هئا

منهنجي لکڻين ۾ جيڪي به لفظ استعمال ٿيا آهن اهي سنڌي ادب جا اڃار آهن، انهن لفظن ۾ سنڌي الفابيٽ جي ترتيب ڏنل آهي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) علم و ادب اڪيڊمي پاران سنڌ جي ڏاهي ليکڪ ، تاريخدان ، قانونڊان حڪيم محمد يوسف ڪتري جي تحقيق ڪيل ڪتاب انسائيڪلو پيڊيا کي سنڌي ادب لاءِ وڏو تاريخي اثاثو قرار ڏنو ويو ، ٽنڊو محمد خان ۾ علم و ادب اڪيڊمي پاران انسائيڪلو پيڊيا آف ٽنڊو محمد خان حصو پنجون جي ڪتاب واري مهورتي تقريب کي ڪتاب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٽنڊو محمد خان ۾ 5 آگسٽ ڪشميري عوام سان اظهار يڪجهتي طور ريلي

آگسٽ يوم استحصال ڪشمير جو ڏهاڙو ملهائڻ جو مقصد ڪشميري عوام سان اظهار يڪجهتي ڪرڻ آهي :اسسٽنٽ ڊائريڪٽر

اسان کي پاڪ فوج ۽ ڪشميري عوام تي فخر آهي، يوم استحصال ڪشمير ملهائڻ ڪشمير عوام سان يڪجهتي جي اظهار جو مثال آهي

اقوام متحدا جي ڪشمير بابت پاس ٿيل قرارداد تي عمل ڪرائڻ لاءِ عالمي دنيا کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) ضلعي انتظاميه ٽنڊو محمد خان ۾ 5 آگسٽ ڪشميري عوام سان اظهار يڪجهتي ۽ پارٽي فوج پاران ڪشميري عوام تي ظلم ۽ وحشيانيه تشدد خلاف هڪ واڪ ريلي اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

شاهپور چاڪر ۾ رٽائرڊ پروفيسر پاران ڏمڪيون ملڻ خلاف احتجاج

شاهپورچاڪر(رپورٽر)رٽائرڊ پروفيسر پاران ڏمڪيون ملڻ خلاف احتجاج، تفصيل موجب شاهپورچاڪر ويجهو ڳوٺ ڪريم آباد جي رهواسي رٽائرڊ پروفيسر عبدالهادي ڪوسو ميڊيا آڏو احتجاج ڪندي چيو آهي ته سندس پٽ فيض الحق جيڪو بري صحبت ۾اچي نافرمان ٿي ويو آهي گهر ۾ زور جهيڙو ڪندي مرتار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ٽنڈومحمد خان: ڪشميرين سان اظهار يڪجهتي لاءِ ريلي ڪڍي پئي وڃي

نٽي ۾ ڪشميرين سان يڪجهتي طور ريلي، پارٽي حڪومت جي بربريت خلاف نعريبازي

پارٽ اسان جي صبر کي ڪمزوري نه سمجهي، پاڪستان جو ٻچو ٻچو ڪشميرين سان گڏ آهي : غلام فاروق سومرو

ڪشميرين کي رياستي جبر ۽ تشدد ذريعي سندن بنيادي حقن کان گهٽ وقت محروم نٿو رکي سگهجي : ڊپٽي ڪمشنر

عالمي برادري ۽ عالمي انساني حقن جون تنظيمون ڪشميرين جي حق خودارايت ۽ انساني حقن جي تحفظ کي يقيني بڻائين

نٽو(رپورٽ:جاويد لطيف ميمن) ڊپٽي ڪمشنر نٽو غلام فاروق سومرو جي قيادت ۾ والاريل ڪشمير ۾ پارٽي ظلم ۽ جبر خلاف استحصال جو ڏهاڙو ملهائڻ لاءِ ڊپٽي ڪمشنر آفيس کان ڊي سي چوڪ مڪلي تائين هڪ شاندار ريلي ڪڍي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

تنگواڻي پرسان ڳوٺ علي بخش خان بجاراڻي ۾ اسڪول جو ڪم شروع نه ٿي سگهيو

ڪنڊڪوٽ(رپورٽر)تنگواڻي پرسان ڳوٺ علي بخش خان بجاراڻي ۾ ڳوٺ لاءِ جيڪو ڪيترن ئي سالن کان ولي اسڪول ختم ٿئي ويو هو ۽ 2022 کان اسڪول منظور ڪيو ويو هو اسڪول جو ڪم شروع نه ٿي سگهيو. تفصيل موجب تنگواڻي جي ڳوٺ لاءِ اسڪول جي بلڊنگ منظور ڪئي وئي هئي جنهن هڪ سال گذرڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

نٽو: ڊي سي ۽ ٻيا عملدار ڪشميرين جي حق ۾ نڪتل ريلي کي خطاب ڪري رهيا آهن

غلام الله پرسان ڇڇ ساڙهڪو ڏنڊ مقامي ماهيگيرن لاءِ نوگوايريا بڻيل

ڏنڊ تي فشريز ڪاتي جي بااثرن ۽ ٻاهرين ضلعي جي ماڻهن جو قبضو برقرار، اختياريون خاموش

ڏنڊ تي پنهنجا ماڻهو ويهاريا ويا آهن جيڪي مقامي ماهيگيرن کي مڇي مارڻ نه ٿا ڏين : متاثر

بااثر قبضي گيرن ۽ فشريز ڪاتي خلاف قانوني ڪارروائي ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

غلام الله(رپورٽر) غلام الله پرسان ڇڇ ساڙهڪو ڏنڊ مقامي ماهيگيرن لاءِ نوگوايريا بڻيل آهي ڏنڊ تي فشريز ڊپارٽمينٽ ٽنڊو جي ڊپٽي ڊائريڪٽر جي ملي پڳڻ سان ٻ ٻ هاري ڪميٽي تعلقو ميرپور ساڪرو جي نائب صدر ۽ ٻاهرين ضلعي جي ماڻهن جو قبضو برقرار آهي ڏنڊ تي پنهنجا ماڻهو ويهاريا ويا آهن جيڪي مقامي ماهيگيرن کي مڇي مارڻ نه ٿا ڏين جنهن سميت ملاحن جا ڪيترائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ميرو خان ۾ ڪشميري عوام مٿان جاري پارٽي ظلم ۽ جبر خلاف احتجاجي ريلي

پابندي واري عمل کي 4 سال مڪمل ٿيڻ تي اسسٽنٽ ڪمشنر جي آفيس کان عوامي پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي سخت نعريبازي ڪئي وئي

مودي سرڪار پاران ڪشميري عوام جي آزادي واري فطري حق کي گولي ۽ ڏنڊي جي زور تي بند ڪرڻ جهڙا هٿڪنڊا استعمال ڪري رهيو آهي : اڳواڻ

ڪشميري عوام مٿان ٿيندڙ ظلم تي سموري دنيا خاموش بڻيل آهي رٽ جي آخري ڦڙي تائين ڪشميري عوام جي سياسي اخلاقي ۽ سماجي حمايت جاري رکنداسين

ميروخان(رپورٽ) ميروخان ڪشميري عوام مٿان جاري پارٽي ظلم ۽ جبر خلاف سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ پاران يوم استحصال ڪشمير ريلي. مودي سرڪار طرفان ڪشمير اندر تلم 370 ۽ 35 A کي ختم ڪري مڪمل ڪرفيو لڳائي عوام جي گهرن مان نڪرڻ تي پابندي واري عمل کي 4 سال مڪمل ٿيڻ تي اسسٽنٽ ڪمشنر جي آفيس کان عوامي پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ميرو خان ۾ ڪشميري عوام مٿان جاري پارٽي ظلم ۽ جبر خلاف احتجاجي ريلي جو ڏيک

مٺي ۾ صحت ڪاٽي ٿرپارڪر پاران ڪشميري پائرن سان يڪجهتي طور ريلي

مٺي(رپورٽر) ٿرپارڪر مٺي صحت ڪاٽي ٿرپارڪر پاران ڪشميري پائرن سان يڪجهتي جي اظهار ۽ يوم استحصال ڪشمير ملهائڻ لاءِ ضلعي صحت آفيس ٿرپارڪر ۽ سول اسپتال مٺي پاران ٻه الڳ ريلين ڪڍيون ويون. ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس ٿرپارڪر پاران ڪڍيل ريلي جي اڳواڻي ڊاڪٽر پرت ڪمار سوني ڪئي ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ٿرپارڪر ضلعي ۾ ڪشميري پائرن سان يڪجهتي جي اظهار طور تي شاندار ريلي

استحصال ڪشمير ملهائڻ جو مقصد مظلوم ڪشميرين جي هر ممڪن سهڪار کي يقيني بڻائڻ ۽ ڪڏيل قومن کي ڪشميرين تي ظلم بند ڪرائڻ لاءِ ڀڙائڻ آهي :اي ڊي سي

ڪشمير تي ٻارت جو قبضو ختم ڪيو وڃي ۽ ڪشميري پائرن جي حق خودارايت کي تسليم ڪيو وڃي، هن جيو ته ڪشميري پائرن پنهنجي حقن جي جدوجهد ۾ وڏيون قربانيون ڏنيون آهن

ته اسان آزادي جي جدوجهد ۾ پنهنجي ڪشميري پائرن سان گڏ آهيون ۽ اسان کي نوجوان نسل کي اهو آگاهه ڪرڻو آهي ته ڪشمير اسان جي شرگ آهي

ٿرپارڪر (رپورٽ صادق بجير) ٿرپارڪر ضلعي ۾ ڪشميري پائرن سان يڪجهتي جي اظهار ۽ يوم استحصال ڪشمير ملهائڻ لاءِ ضلعي انتظاميه ٿرپارڪر پاران ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحميد مغل جي اڳواڻي ۾ نيشنل بئنڪ مٺي کان ڪشمير چوڪ مٺي تائين ريلي ڪڍي وئي. ريلي کي خطاب ڪندي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر عبدالحميد مغل چيو ته يوم استحصال/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

ٽنڊو محمد خان ۾ 230 جديد طبي اوزارن ۽ سهولتن سان ايمبولينس فراهم ڪيون آهن : رسول بخش چانڊيو

سنڌ جي 6 ڊويزن جي 13 ضلعن ۾ ايمرجنسي ريسڪيو 1122 سروس شروع ڪئي وئي آهي

سنڌ حڪومت صحت جي شعبي ۾ بهترين ڪم ڪري رهي موبائل هيلٿ ڪيئر يونٽ فراهم ڪيا آهن

ڊپٽي ڊائريڪٽر پروجيڪٽ محمد اسلم لغاري شاهنواز سمون ۽ ٻين سياسي سماجي اڳواڻن پڻ شرڪت ڪئي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) صوبائي صلاحڪار براءِ بحالي ۽ رليف حاجي رسول بخش چانڊيو بدين ۾ ريسڪيو اسٽيشن هيڊ ڪوارٽر جي نئين ٺهندڙ عمارت لاءِ پيڙ جو پٿر رکي چڏيو آهي تقريب کي خطاب ڪندي صوبائي صلاحڪار حاجي رسول بخش چانڊيو چيو ته چيئرمين پاڪستان پيپلزپارٽي بلاول ڀٽو زرداري، ڪوچيئرمين آصف علي زرداري، اڌي فريال/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

خيرپور ۾ ضلعي انتظاميا ۽ سول سوسائٽي پاران ڪشميرين سان اظهار يڪجهتي طور ريلي

خيرپور(رپورٽر)خيرپور ۾ ضلعي انتظاميا ۽ سول سوسائٽي پاران ڪشميرين سان اظهار يڪجهتي طور سوڪ سينٽر کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي ، ريلي جي قيادت اسسٽنٽ ڪمشنر خيرپور ارسلان حيدر ڦلپوٽو ، تعلقو ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري خيرپور مختيار احمد سولنگي، تعلقو مختيارڪار عبدالحڪيم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

بدين: صوبائي صلاحڪار رسول بخش چانڊيو افتتاح بعد دعا گهري رهيو آهي

خيرپور جي پرائيويٽ ميڊيڪل سينٽرن تي ڪيترن ئي مريضن جا آپريشن ناڪام ٿيڻ جو انڪشاف

مختلف قسمن جي بيمارين جو ماهر ڊاڪٽر آپريشن دوران پيسا بچائڻ لاءِ غريب مريضن جي زندگين سان کيڏڻ لڳا

ڊاڪٽر کي آپريشن دوران گهرائڻ بجاءِ نان ٽيڪنيڪل ڊسپينسر کان نشي جي انجيڪشن لڳرائي آپريشن شروع ڪن ٿا : ذريعا

پرائيويٽ ميڊيڪل سينٽر تي نشي جو ڪوالينا ڊاڪٽر جو اتي هجڻ تمام ضروري آهي، پر پيسن جي حوس ۾ ماهر ڊاڪٽر انڌا ٿي ويا آهن

خيرپور(رپورٽر) خيرپور پرائيويٽ ميڊيڪل سينٽرن تي نشي وارو ڪوالينا ڊاڪٽر نه هجڻ سبب ڪيترن ئي مريضن جا آپريشن ناڪام ٿيڻ جو انڪشاف ٿيو آهي. هن سلسلي ۾ انڪشاف ٿيو آهي ته خيرپور شهر جي مختلف ميڊيڪل سينٽرن تي مختلف قسمن جي بيمارين جو ماهر ڊاڪٽر آپريشن دوران پيسا بچائڻ لاءِ غريب مسڪين ماڻهن جي زندگيءَ سان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

جوهي جي وارڊ 4 ۾ گذريل ڪافي عرصي کان صفائي نٿيڻ ۽ گندو پاڻي گهرن ڪاهي پيو

شاعر خليل عارف سومرو، اصغر جويو، محمد سومر ٿهيم ، ڪامريڊ محمد ابراهيم جويو، عبدالرحيم ٿهيم، شير سومرو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

سوين ملازم مقرر ٿيڻ باوجود به جوهي شهر جي 8 وارڊن جي صفائي نٿيڻ ڪري شهر گندگي جي ڍير ۾ تبديل نظر اچي رهيو آهي، ڪير پڇڻ وارو ناهي : مظاهرين

جوهي (رپورٽر) جوهي شهر وارڊ 4 سومرا محلو ۾ گذريل ڪافي عرصي کان صفائي نٿيڻ ۽ گندو پاڻي گهرن ڪاهي پوڻ ڪري متاثرين سي ايم او ۽ ميونسپل ڪميٽي جي زميوارن خلاف شاعر خليل عارف سومرو، اصغر جويو، محمد سومر ٿهيم ، ڪامريڊ محمد ابراهيم جويو، عبدالرحيم ٿهيم، شير سومرو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري بوائز هاءِ اسڪول روڊ تي ڌرڻو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ٽنڊو محمد خان ۾ 5 آگسٽ ڪشميري عوام سان اظهار يڪجهتي طور ريلي

آگسٽ يوم استحصال ڪشمير جو ڏهاڙو ملهائڻ جو مقصد ڪشميري عوام سان اظهار يڪجهتي ڪرڻ آهي :اسسٽنٽ ڊائريڪٽر

اسان کي پاڪ فوج ۽ ڪشميري عوام تي فخر آهي، يوم استحصال ڪشمير ملهائڻ ڪشمير عوام سان يڪجهتي جي اظهار جو مثال آهي

اقوام متحدا جي ڪشمير بابت پاس ٿيل قرارداد تي عمل ڪرائڻ لاءِ عالمي دنيا کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي

ٽنڈو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) ضلعي انتظاميه ٽنڈو محمد خان ۾ 5 آگسٽ ڪشميري عوام سان اظهار يڪجهتي ۽ پارٽي فوج پاران ڪشميري عوام تي ظلم ۽ وحشيانيه تشدد خلاف هڪ واڪ ريلي اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ٽنڈومحمد خان: ڪشميرين سان اظهار يڪجهتي لاءِ ريلي ڪڍي پئي وڃي

بدين ۾ 230 جديد طبي اوزارن ۽ سهولتن سان ايمبولينس فراهم ڪيون آهن : رسول بخش چانڊيو

سنڌ جي 6 ڊويزن جي 13 ضلعن ۾ ايمرجنسي ريسڪيو 1122 سروس شروع ڪئي وئي آهي

سنڌ حڪومت صحت جي شعبي ۾ بهترين ڪم ڪري رهي موبائل هيلٿ ڪيئر يونٽ فراهم ڪيا آهن

ڊپٽي ڊائريڪٽر پروجيڪٽ محمد اسلم لغاري شاهنواز سمون ۽ ٻين سياسي سماجي اڳواڻن پڻ شرڪت ڪئي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) صوبائي صلاحڪار براءِ بحالي ۽ رليف حاجي رسول بخش چانڊيو بدين ۾ ريسڪيو اسٽيشن هيڊ ڪوارٽر جي نئين ٺهندڙ عمارت لاءِ پيڙ جو پٿر رکي چڏيو آهي تقريب کي خطاب ڪندي صوبائي صلاحڪار حاجي رسول بخش چانڊيو چيو ته چيئرمين پاڪستان پيپلزپارٽي بلاول ڀٽو زرداري، ڪوچيئرمين آصف علي زرداري، اڌي فريال/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

بدين: صوبائي صلاحڪار رسول بخش چانڊيو افتتاح بعد دعا گهري رهيو آهي

ٽنڊو محمد خان ۾ ڪشميري عوام مٿان جاري پارٽي ظلم ۽ جبر خلاف احتجاجي ريلي

پابندي واري عمل کي 4 سال مڪمل ٿيڻ تي اسسٽنٽ ڪمشنر جي آفيس کان عوامي پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي سخت نعريبازي ڪئي وئي

مودي سرڪار پاران ڪشميري عوام جي آزادي واري فطري حق کي گولي ۽ ڏنڊي جي زور تي بند ڪرڻ جهڙا هٿڪن

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
آچر 06 آگسٽ 2023ع

مهانگائي جو بار اڃان عوام تي ڪيترو رکندئو!

تيل اڳهن ۾ واڌ کان پوءِ ٽرانسپورٽ پاڙن ۽ واپارين الٽي، چانور، گيهه ۽ پاڇين سميت عام واهپي جي شين جي اڳهن ۾ واڌ ڪري ڳالهه ٽوڙ مهانگائي جو طوفان آڻي ڇڏيو آهي، روزاني استعمال جي شين سميت سبزين ۽ فروٽ جي اڳهن ۾ پن ڏينهن اندر واڌ ٿي وئي آهي. جڏهن ته ٽرانسپورٽن پڻ پاڙن ۾ واڌ ڪري ڇڏي آهي. ۽ منافعي خورن تيل جي قيمتن ۾ واڌ جو جواز ڄاڻائي شيون وڌيڪ اڳهه تي وڪرو ڪري رهيا آهن. مهانگائيءَ پورهيت طبقي ۽ گهٽ اجرت وارن جي خريداري واري قوت ختم ڪري ڇڏي آهي. ٻه ڏينهن اڳ تيل جي اڳهن ۾ هڪ ئي وقت ويهه رپين تائين واڌ ٿيڻ ڪانپوءِ پاڇيون ٽيهه ڪان پنجاهه رپين تائين مهانگيون ٿي ويون آهن. ٻه ڏينهن اڳ ڏيڍ سو روپيا في ڪلو ملندڙ ٽماٽا ٻه سو ڪان ٻه سو ويهه رپين تائين وڪرو ٿي رهيا آهن. سو روپيا ملندڙ پٽاٽا هڪ سو ٽيهه تائين پهچي ويا آهن. اهڙي طرح پيون سبزيون ٻه مهانگيون ٿي ويون آهن. جڏهن ته ڏيڍ سو ڪلو ملندڙ ڪنڊ مارڪيٽ ۾ هڪ سو ستر روپيا تائين وڪرو ٿئي پئي. گهٽ ڪوالٽي وارو ڪاڪرو تيل چهه سو پنجاهه مان وڌي ست سو روپيا في ليٽر وڪرو ٿي رهيو آهي، اهڙي طرح چانور، گيهه، اٽو ۽ پيون شيون پڻ ٻن ڏينهن اندر مهانگيون ٿي ويون آهن. جنهن ڪري پورهيت ۽ غريب عوام جا مٿي تي هٿ اچي ويا آهن. اڄا مهانگائي جو بار عوام تي ڪيترو پوٽو آهي ان جو اندازو نٿو لڳائي سگهجي. ملڪ ۾ هڪ طرف روزگار جا ذريعا محدود ٿيندا پيا وڃن جنهن سبب بيروزگاري ۾ واڌ ٿي رهي آهي ته ٻئي طرف مهانگائي عروج تي پهتل آهي. تيل جي قيمتون وڌن ڪري عام واهپي جي شين جنهن ۾ دواڻن کان ويندي انسان جي ضرورت جي سمورين شين جي اڳهن ۾ روز جي بنياد تي واڌ ٿي رهي آهي. جنهن جي نتيجي ۾ پيڙهيل طبقا جيڪي اڳ ئي جيابي جي جنگ وڙهي رهيا آهن وڌيون تڪليفون ڏسي رهيا آهن انهن جي سورن ۾ تڪليفن ۾ اڃا وڌيڪ واڌارو ٿي رهيو آهي. حڪومتي معاشي پاليسيون عام ماڻهن لاءِ بي لاڀ ۽ ڏکيون پيدا ڪندڙ ثابت ٿيون آهن. ملڪ سميت سڄي سنڌ اندر مهانگائي بي قابو ٿي عوام کي بکون ڪاٽڻ تي مجبور ڪري رهي آهي. جڏهن ته منافعي خور عام واهپي جي شين جنهن ۾ اٽو، چانور، ڊاليون، گيهه. ڪنڊ ۽ پاڇين سميت عام واهپي وارن اسمن ۾ رڪاوٽ واڌ ڪري ڇڏي آهي، پر پرائيس ڪنٽرول ڪندڙ اداري جا عملدار توڙي ضلعي انتظاميا وڌيڪ اڳهه وٺندڙن خلاف ڪنهن به قسم جي ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي واپاري ۽ دڪاندار پنهنجي مرضي جا اڳهه مقرر ڪري عوام کي پنهي هٿن سان ڦري رهيا آهن. هڪ عالمي اداري پنهنجي رپورٽ ۾ چيو آهي ته پاڪستان ۾ گذريل مهينن دوران ڪاڏي پيتي جي شين جي اڳهن ۾ غير معمولي واڌ رڪاوٽ ڪئي وئي انگ اکر گڏ ڪرڻ واري اداري مطابق گذريل سال جي پيٽ ۾ مهانگائي ۾ 24.9 سيڪڙو تائين واڌ آئي آهي. جڏهن ته مهانگائي ۾ گذريل چوڏهن سالن دوران سڀ کان وڌيڪ واڌ رڪاوٽ ڪئي وئي آهي. اهڙي طرح مهانگائي جي هن لهر ۾ ڪاڏي پيتي جي شين ۾ سڀ کان گهٽ واڌ آئي آهي هلندڙ سال جون مهيني جي مقابلي ۾ جولاءِ ۾ مهانگائي ۾ 4.35 سيڪڙو واڌ ٿي آهي. مبصرن جو چوڻ آهي معاشي طور تي ڏکايل جو شڪار حڪومت مهانگائي تي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ناڪام وئي آهي. هن حڪومت ۾ مهانگائي ۾ رڪاوٽ واڌ ٿي آهي. جڏهن معاشي ماهرن خدشن جو اظهار ڪيو آهي ته اڃا به مهانگائي ۾ واڌ اڃڻ جا امڪان آهن جو هن مهيني جي شروعات ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل جي اڳهن ۾ واڌ ڪرڻ سبب ڊالر جي اڳهه ۾ پڻ واڌ ٿيندي. ملڪ توانائي ۽ ڪاڻ خوراڪ جي ضرورتن جي لاءِ پرڏيهي درآمد تي پاڙيندو جنهن سبب ڊالر مهانگي ٿيڻ ڪري ايندڙ مهينن ۾ وڌيڪ مهانگائي ٿيندي. ناٽي وزارت جي ڏنل انگن اکرن موجب گذريل مهيني ۾ جن شين جون قيمتون وڌيون آهن انهن ۾ سبزيون پنجويهه سيڪڙو، ڊاليون چوڏهه سيڪڙو، ڪڪڙ ڏهه سيڪڙو، ڪاڪرو تيل اٺ سيڪڙو مهانگو ٿيو آهي. پئي پاسي بجلي اڳهن ۾ اٽيتاليهه سيڪڙو واڌ ٿي آهي. جيڪڏهن گذريل سال سان پيٽ ڪيون ته انگ اکر ظاهر ڪن ٿا ته بصرن جي قيمت الانوي سيڪڙو، ڪاڪرو تيل ٽيهتر سيڪڙو، ڊاليون ستهٺ سيڪڙو، ڪڪڙ جو گوشت اٺهٺ سيڪڙو، ڪڪڙ پنجتاليهه سيڪڙو ۽ ڪيرجي قيمت ۾ چوويهه سيڪڙو واڌ اچي چڪي آهي. اهڙي طرح پيٽروليم مصنوعات جي قيمتن ۾ چوراڻوي سيڪڙو ۽ بجلي جي اڳهن ۾ چهاسي سيڪڙو واڌ ٿي آهي. اهي ته آهن سرڪاري انگ اکر جڏهن ته مارڪيٽ جو حالتو ورتو وڃي ته ڪاڏي پيتي جي شين ۾ اڃا به وڌيڪ واڌ اچي چڪي آهي. عام ماڻهو جي ڪمائي ۾ ڪا به واڌ نه آئي آهي جڏهن ته مهانگائي ۾ بيزار ڪندڙ واڌ ٿي آهي. پاڪستان زرعي ملڪ آهي ۽ ملڪ ۾ ڪاڏي پيتي جون نوي سيڪڙو شيون هتي پيدا ٿيندڙ آهن، جن جي قيمتن ۾ ڊالر جي مهانگي ٿيڻ جو اثر نٿو پوي. مگر حڪومت جي عملدارآمدي نه هڻڻ سبب هتي پيدا ٿيندڙ عام واهپي جي شين ۾ واڌ ٿئي ٿي. اهو صرف ان ڪري جو حڪومت مهانگائي تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ صرف بيان ڏئي ٿي پر ان تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ڪو عملي قدم يا نظام بنائڻ لاءِ ڪي به جوڳا بندوبست نه ٿي ڪري. جيڪڏهن مهانگائي کي روڪڻ لاءِ حڪومت ڪي عملي قدم نه کڻندي ته مهانگائي جي هن راکاس کان عام ڪي ڪير بچائيندو. عوام چڻهائي واڳون جي وات ۾ هجي، ڳالهه ٽوڙ مهانگائي ۾ هوبيت گذر لاءِ ڪهڙي شئي خريد ڪري ماڻهن ۾ فروٽ واپرائڻ جو سٽ نه رهيو آهي. پر عام ماڻهو بنيادي شين کان به محروم ٿي ويو آهي. هن شديد مهانگائي ۾ عوام اذيت تڪليف ۽ مونجهارن ۾ مبتلا آهي سندن ساهه لڪي ۾ ڦاٽو آهي. اسين حڪومت جو ان طرف ڌيان ڇڪائڻ چاهيون ٿا. ووٽ جي بدلي آيل حڪومت ۾ عوام جون اميدون هونديون آهن، عوام جي اميدن کي ساپيان ڪري هن مهانگائي جي مصيبت مان ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ عملي قدم ڪٽي. عوام روز واپارين ۽ دڪاندارن هٿان لٽجي ۽ ڦرجي پيو اگر ان ڪي پنجو نه آيو نه سياڻي وري ووٽ لاءِ اوهان کي عوام ووٽ وجٽو آهي. پوءِ ايندڙ وقت جي انارڪيءَ جيڪو اوهان جو استقبال ڪندي ان کان ڪيئن بچي سگهندؤ.

بقايا ✻✻✻ 01

